## ٻن سالن جي عبادت جو ثواب

حضرت سيّدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نبين جي سالار، شهنشاهِ اَبرار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار باذن پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مُشڪبار آهي: ”جنهن ماهِ حَرام ۾ ٽي ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جو روزو رکيو، ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو.“

(المعجم الوسط للطبراني ج 1 ص 485 حديث 1789)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!هتي ماهِ حَرَام مان مراد اهي ئي چار مهينا ذوالقَعده، ذوالحِجّ، مُحَرّم الحرام، رَجَبَ المرجب آهن، انهن چئن مهينن مان جنهن مهيني ۾ به هنن ٽن ڏينهن جو روزو رکندا ته اِنْ شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب حاصل ڪندا .

تیرے کرم سے اے کریم مجھے کون سی شی ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني جبل

هڪ ڀيري حضرت عيسٰي روحُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جو گذر هڪ چمڪندڙ نوراني جبل تي ٿيو، پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام بارگاه خداوندي ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! هن جبل کي ڳالهائڻ جي سگهه عطا فرماءِ. اهو جبل ڳالهائڻ لڳو: يا روح الله! عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

www.dawateislami.net

توهان ڇا ٿا چاهيو؟ فرمايائون: پنهنجو حال بيان ڪري جبل چيو: منهنجي اندر هڪ ماڻهو رهندو آهي، عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ الاهي ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي مون تي ظاهر فرماءِ، اوچتو جبل ڏري پيو ۽ ان مان چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي هڪ بزرگ ظاهر ٿيو ان عرض ڪيو: مان حضرت موسٰي ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو امتي آهيان، مون الله عَزَّوَجَلَّ کان هي دعا ڪئي آهي ته هو مون کي پنهنجي پياري محبوب نبي آخرالزمان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري تائين زنده رک ته جيئن مان سندن زيارت به ڪيان ۽ سندن امتي بڻجڻ جو شرف به ماڻيان.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ جبل ۾ ڇهه سؤ سالن کان عبادت ۾ مشغول آهيان حضرت سيّدنا عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ ڇا روءِ زمين ۾ ڪو بانهو هن شخص کان وڌيڪ به تو وٽ عزت وارو آهي؟ ارشاد ٿيو: اي عيسٰي (عَلَیْہِ السَّلَام)! اُمت محمدي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو ته اهو مون وٽ هن کان به وڌيڪ عزت وارو آهي . (نزهة المجالس ج 1 ص 155)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

## رجب جا ڪونڊا

صدر الشريعہ ،بدرالطريقہ حضرتِ علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليہ الرّحمہ فرمائن ٿا : رَجَبَ جي مهيني ۾ بعض جڳهہ حضرت (سيّدنا) امام جعفر صادق عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الخالق جي ايصال ثواب جي لاءِ پُوڙين سان ڪونڊا ڀريا ويندا آهن هي بہ جائز پر هن ۾ بہ انهيءَ جڳهہ تي ئي کائڻ جي ڪجهہ ماڻهن پابندي رکي آهي هي بي جا پابندي آهي ـ هن ڪونڊن جي متعلق هڪ ڪتاب بہ آهي جنهن جو نالو ”داستانِ عجيب “آهي، هن موقعي تي بعض ماڻهو ان کي پڙهائيندا آهن ان ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي ان جو ڪو ثبوت ڪونهي اها نہ پڙهي وڃي فاتحہ ڏياري ايصالِ ثواب ڪريو (بهارِ شريعت ج 3 ص 643) اهڙي طرح ” ڏهہ بيبين جي ڪهاڻي“ ”ڪانير جي ڪهاڻي “ ۽” جنابِ سيده واري ڪهاڻي “ سڀ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهندا ڪريو، هن جي بدران هڪ ڀيرو ياسين شريف پڙهي وٺو تہ جيئن ڏهہ قرآن ڪريم ختم ڪرڻ جو ثواب ملندو، هي ياد رهي تہ ڪونڊن ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي، ٻين ٿانون ۾ بہ کائي ۽ کارائي سگهو ٿا ـ ايصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ) قرآنِ ڪريم ۽ احاديث طيبہ کان ثابت آهي ،ايصالِ ثواب دعاء جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪاڏو وغيره پچائي ان تي فاتحہ ڏياري ڪري بہ ـ ڪونڊن

جي نياز بہ ايصالِ ثواب جي ئي هڪ صورت آهي. ان کي ناجائز چوڻ شريعت تي افترا (يعني تُهَمَت بڌڻ) آهي. ناجائز چوڻ وارا پاره 7 سورۃُ المآئده جي آيت نمبر 87 ۾ بيان ڪيل حڪمِ الٰهي مان عبرت پڪڙڻ . جئين تہ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْاؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۸۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارو! پاڪ شيون حرام نہ بڻايو جيڪي الله توهان جي واسطي حلال ڪيون آهن۽ حد کان نہ لنگهو بيشڪ حد کان لگهندڙ الله کي ناپسند آهن

## ”رجب جا ڪونڊا“ ڪهڙي تاريخ تي ڪريون؟

پوري رجب جي مهيني ۾ بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهيو ايصال ثواب جي لاءِ ڪونڊن جو نياز ڪري سگهو ٿا، البتہ مناسب هي آهي تہ 15 رجب المرجب تي ”رجب جا ڪونڊا“ ڪيا وڃن ڇو تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو يومِ عرس آهي جيئن تہ فتاوٰي فقيہ ملّت جلد 2 صفحہ 265 تي آهي: ”حضرت (سيّدنا) اِمام جعفر صادق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نياز 15 رجب تي ڪريو جو حضرت جو وصال 15 تي ئي ٿيو آهي.“ پڻ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب شرح شجره قادريہ صفحہ 59 تي آهي: پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن کي 68 سالن جي عمر ۾ 15 رجب المرجب 148 ھ تي ڪنهن شقي القلب (يعني سنگ دل - ظالم) زهر ڏنو جيڪو پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت جو سبب بڻيو.

www.dawateislami.net

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جو مزارِ اقدس جنت البقيع (مدينہ منوره) ۾ والدِ محترم حضرت سيّدنا اِمام محمد باقِر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي پهلو ۾ آهي. اللّٰه جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

معلوم ٿيو تہ ماني ڪارائڻ جي ذريعي ايصالِ ثواب ڪرڻ سنّت صحابہ آهي ۽ جڏهن تہ کوندن ۾ بہ غذا يعني کائڻ جون ئي شيون هونديون آهن جيڪي ايصال ثواب جي لاءِ کارايون وينديون آهن.

## صحابہ سٽن ڏينهن تائين ايصال ثواب ڪندا هئا

حضرت علامہ جلال الدين سُيُوطي شافعي عَلَیۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰہِ القوي نقل فرمائن ٿا تہ صحابہ ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان ستن ڏينهن تائين مُڙدن جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوي للفتاوي للسيوطي ج 6 ص 223)

## صحابي ماءُ جي طرف کان باغ صدقو ڪيو

حضرت سيدنا سَعد بن عُباده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي امڙ سائڻ جو انتقال ٿيو تہ پاڻ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي امڙ سائڻ جو انتقال منهنجي غير موجودگي ۾ ٿيو، جيڪڏهن مان ان جي طرفان ڪجھ صدقو ڪيان تہ انهن کي ڪو فائدو پهچي سگھي

www.dawateislami.net

تو؟ ارشاد فرمايائون: ها، عرض ڪيائون: مان توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گواهه بڻائي چوان ٿو تہ منهنجو باغ انهن جي طرفان صدقو آهي. (بخاري ج 2 ص 241 حديث 2762) خبر پئي تہ ڪاڏو ڪارائڻ ۽ باغ يعني مال خرچ ڪرڻ جي ذريعي بہ ايصالِ ثواب جائز آهي ۽ ڪوندا شريف بہ مالي ايصال ثواب ۾ شامل آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: اَمواتِ مُسلِمِين (يعني مرحومين) جي نالي ڪاڏو پچائي ايصال ثواب جي لاءِ تَصدُّق (يعني خيرات) ڪرڻ بلاشڪ جائز ۽ مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي ۽ هن تي فاتحہ جي ذريعي ايصال ثواب ٻيو مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي، ۽ ٻن شين جو جمع ڪرڻ ڀلائي ۾ اضافو آهي (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 595) هر شخص کي افضل هي آهي تہ جيڪو نيڪ عمل ڪري ان جو ثواب اَوَّلِين و آخِرين اَحياء و اَموات (يعني حضرت سيدنا آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين پيدا ٿيندڙ) تمام مومنين ۽ مومنات کي بخشي (يعني ايصال ثواب ڪري) سڀني کي ثواب پهچندو ۽ ان کي (جنهن ايصال ثواب ڪيو) انهن سڀني جي برابر اَجر ملندو. (ايضاً ص 617) ايصال ثواب سٺي نيت سان ڪيو وڃي ان ۾ شُهرت (ڏيکاءُ) مقصد نہ هجي، نہ ئي ان جي اُجرت يا معاوضو ورتو ويو هجي، نہ تہ، نہ ثواب آهي نہ ئي ايصال ثواب يعني جڏهن ثواب نہ مليو تہ پهچندو ڪئين! (بهارشريعت ج 1 ص 1201، ج 3 643)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڏينهن مقرر ڪرڻ

**وسوسو:** ٽيجهو، چاليهو، يارهين ٻارهين ۽ ڪونڊن وغيره جي نالي سان ايصالِ ثواب جا ڏينهن مخصوص ڇو ڪيا ويا آهن؟

**وسوسي جو جواب:** ايصالِ ثواب جي لاءِ شريعت ۾ ڪو مُدّت ۽ وقت مقرر ڪرڻ ضروري ناهي، البت ڏينهن وغيره مقرر ڪرڻ ۾ شرعاً حرج بہ ناهي، وقت مقرر ڪرڻ ٻن طرح سان آهي. ﴿1﴾**شرعي:** شريعت ڪنهن ڪم جي لاءِ وقت مقرر فرمايو هجي مثلاً قرباني، حج وغيره ﴿2﴾**عُرفي:** شريعت جي طرفان وقت مقرر نہ هجي پر ماڻهو پاڻ ۾ ٻين جي سهولت ۽ يادگيري يا ڪنهن خاص مَصلَحت جي لاءِ ڪو وقت خاص ڪري وٺن، جيئن اڄڪلهہ مسجدن ۾ نمازن جي جماعت جي لاءِ وقت مخصوص ڪرڻ وغيره حالانڪ پهريان جماعت لاءِ وقت مقرر نہ هوندو هو جڏهن نمازي جمع ٿيندا هئا تہ جماعت بيهي رهندي هئي، بلڪ بعض ڪمن لاءِ خود سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وقت مقرر فرمايو، پڻ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين کان بہ ائين ڪرڻ ثابت آهي مثلاً ﴿1﴾ حضور پُر نور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شُهداءِ اُحُد عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي زيارت جي لاءِ سال جو آخري وقت مقرر فرمايو هو. (درمنثور، ج 4 ص 640) ﴿2﴾ ڇنڇر جي ڏينهن سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مسجد قُبا ۾ تشريف

www.dawateislami.net

وٺي اچڻ (مسلم، ص 724، حديث 1399) ﴿3﴾ ۾ سيّدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سان ديني مشاورت جي لاءِ صبح ۾ شام جو وقت مقرر ڪرڻ. (بخاري، ج 1، ص 180، حديث 476) ﴿4﴾ حضرت عبدالله بن مَسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وعظ و تَذڪِير جي لاءِ جمعرات جو ڏينهن مقرر ڪيو. (بخاري، ج 1، ص 42، حديث 70) ﴿5﴾ ۾ علما سڳورن جو سبق شروع ڪرڻ لاءِ اربع جو ڏينهن رکڻ. (تعليم المتعلم ص 72) (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 9 ص 585، 86)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مڪتوبِ عطار

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط سگِ مدينه محمّد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنۡہ جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۽ مدارس المدينه ۽ جامعاتُ المدينه جي اساتذه ۽ طَلَبه معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبهء مُشَرّفه جي چوڌاري گهمندو، گنبدِ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ عَلٰی کُلِّ حَال

ہو نہ ہو آج کچھ مرا ذکر حضور میں ہوا
ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں (حدائق بخشش)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ هڪ ڀيرو وري خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا رجب شريف جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾

www.dawateislami.net

عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ المُعَظم** ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## ٽن مهينن جا روزا

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي جلدي جلدي ۽ جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن سان گڏ جنهن ڪان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ ڪمر بستہ ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ ڪائي ڪري پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهاريون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف ڪان ئي روزن جو آغاز فرمائي ڇڏيو.

## رجب جي ابتدائي ٽن روزن جي فضيلت!

رجب شريف جي ابتدائي ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! حضرت سيّدنا عبدالله ابنِ عبّاس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ بيچين دِلين جي چين، رحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرمَين، سروَرِ ڪَونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: ”رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين

www.dawateislami.net

ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 311 حديث 5051 فضائل شهر رجب للخلال ص 7)

میں گنہگار گناہوں کے سوا کیا لاتا
نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نکوکار کے پاس

نفلي روزن جون به چا ته خوب بهارون آهن هن ضِمن ۾ به مبارڪ حديثون ملاحظ فرمايو،

## (1) فِرشتا دعاءِ مَغفِرت ڪندا آهن؟

حضرت سيّدَتُنا اُمِّ عَمّارَه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون: حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا ته مون پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ کاڌو پيش ڪيو ته ارشاد فرمايائون: ”تون به کاءُ“ مون عرض ڪيو: ”مان روزي سان آهيان“ ته رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيستائين روزيدار جي سامهون کاڌو کاڌو ويندو آهي فِرشتا ان روزيدار جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن.“

(سنن ترمذي ج 2 ص 205 حديث 785)

## (2) روزيدار جون هڏيون ڪڏهن تسبيح ڪنديون آهن؟

حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم،

نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مُعظم ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حُضُور پُر نُور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪريو، عرض ڪيائون: **يارسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان روزيدار آهيان، تہ **رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا توکي خبر آهي تہ جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجهہ کاڌو وڃي تيستائين انهي جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، ان کي فرشتا دعائون ڏيندا آهن. (شعب الايمان ج 3 ص 297 حديث 3586)

**مُفسِّرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن کاڌو کائڻ دوران ڪو اچي وڃي تہ ان کي بہ کائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي هيئن نہ چوي تہ مونکي خواهش ناهي، تہ جيئن بک ۽ ڪوڙ گڏجي نہ وڃن.

بلڪ جيڪڏهن (نہ کائڻ چاهي يا) کاڌو گهٽ ڏسي تہ چوي بَارَكَ اللهُ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ تو کي برڪت ڏي) هي بہ معلوم ٿيو تہ سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پنهنجون عبادتون نہ لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن تہ جيئن حضور

www.dawateislami.net

پُرنُور، **شافع يومُ النُّشُور**صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواھ بڻجي وڃن، ۽ اهو ظاهر ڪرڻ رياء ناهي. (حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي روزي جو ٻڌي ڪري جيڪو ڪجھ فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) تہ يعني اڄ جي روزِي اسان تہ پنهنجي هتي ئي ڪائي ونون ٿا ۽حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ ڪائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر بہ هوندو ۽ وڌيڪ بہ، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسبِيح (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌندا آهن . (مراٰة ج 3 ص 202)

**مطالعو ڪيو هجي تڏهن بہ ٻئي رسالا (1) ڪفن جي واپسي ۽ رجب جون بهارون ۽ (2) آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو مهينو** پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال **شعبان المُعَظّم** ۾ **فيضان سنّت** جو باب **فيضانِ رمضان** ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. تي سگهي تہ **عيدِ مِعراجُ النبي**صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق **فيضانِ رمضان** بہ تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جملہ قاري صاحبان، استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ **مدني عرض** آهي تہ براءِ ڪرم!

(منهنجي جيئري ۽ مرڻ کان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا مدني عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ٻين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب ڏيارين)

خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گھڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب کان منهنجي دل **ڏکندي** آهي.

**خصوصي مدني گل:** جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ چندو جمع ڪرڻ چاهن تا انهن کي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، تاڪيد سان عرض آهي تہ جيڪڏهن پڙهي چڪا آهيو تڏهن بہ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 107 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"چندي جي باري ۾ سوال جواب"** جو ٻيهر مطالعو فرمايو. يا الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون

www.dawateislami.net

انهن کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار کان بہ هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ (عذر نہ هجڻ جي صورت ۾) هر سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جَمادي الآخرٰي ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ **رَجَبُ المُرَجَّب** ۾ آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ **شَعبان المُعَظّم** ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي وٺڻ جي سعادت حاصل ڪري مون ڪي ۽ ان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان کي بي حساب بخشي ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک. اٰمين بِجاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جشنِ مِعراجُ النبي

**دعوتِ اسلامي** جي طرف کان **رَجَبُ المُرَجَّب** جي ستاويهين رات، **جشنِ معراج النبي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ تمام اسلامي ڀائر شروع کان آخر تائين شرڪت فرمائيندا ڪريو ۽ پڻ 27 رجب شريف جو رزو رکي ڪري 60 مهينن جي روزن جي ثواب جا حقدار بڻجو.

رجب کی بہاروں کا صدقہ بنادے
ہمیں عاشق مصطفٰی یا الٰہی

www.dawateislami.net

# اکين جي حفاظت جي لاءِ مدني گُل

**پنجن** وقتن جي نماز کان بعد ساڄو هٿ پيشاني تي رکي ڪري **يَانُوۡرُ** يارهن (11) ڀيرا هڪ ساهي ۾ پڙهو ۽ پنهي هٿن جي سيني آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ نابينائي، نظر جي ڪمزوري ۽ اکين جي سيني بيمارين کان **تَحفُّظ** حاصل ٿيندو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انڌائپ بہ ختم ٿي سگهي ٿي .

**مدني التجا:** هي مڪتوب هر سال **جُمادَي الاَخريٰ** جي آخري جمعرات جو هفتيوارسنّتن ڀري اجتماع /جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ پڙهي ڪري ٻڌايو. (اسلامي ڀينرون ضروت مطابق ترميم فرمائن.)

**هي رسالو پڙهڻ کان بعد ثواب جي نيت سان ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏيو.**

**هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪريا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

والسلام مع الاکرام

طالب غم مدينہ

بقيع ومغفرت و

بي حساب

جنت الفردوس

۾ آقا جو پاڙو



5 جمادي الاخري 1436 ھ

26/03/2015

www.dawateislami.net

# ماخذ و مراجع

| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن پاک | رضا اکیڈمی بمبئی | معجم اوسط | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| ترجمہ کنزالایمان | ضیاء القرآن مرکز الاولیاء لاہور | شعب الایمان | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| تفسیر در منثور | دار الکتب العلمیۃ بیروت | الجامع الصغیر | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| صحیح بخاری | دار الکتب العلمیۃ بیروت | تاریخ دمشق | دار الفکر بیروت |
| صحیح مسلم | دار ابن حزم، بیروت | ماثبت بالسنۃ | نعیمیہ رضویہ مرکز الاولیاء لاہور |
| سنن ترمذی | دار الفکر بیروت | معجم السفر | المکتبۃ التجاریہ مکۃ المکرمہ |
| فضائل شہر رجب | مخطوطہ | الحاوی للفتاوی | دار الفکر بیروت |
| غنیۃ الطالبین | دار الکتب العلمیۃ بیروت | زرقانی علی المواھب | دار الکتب العلمیۃ بیروت |

www.dawateislami.net

